التشبیه زوار حسین شاه رضوی

قنبر غلام حيدر

ذريعة النجات ۾ منقول آهي ته ملڪ حبش ۾ هڪ بادشاه عظيم الشان اشڪبوس نالي هو. هنجو پائيبو نالي فتاح وڏو بهادر ۽ دلير هو. اشڪبوس ۽ هنجي وچ ۾ جنگ جاري هئي.

هڪڙي ڏينهن اشڪبوس فتاح کي چيو ته تون جو هميشه پيو لڙين تنهنجو سبب ڪهڙو آهي.

فتاح :- منهن جا ٻه مطلب جنگ ڪرڻ ۾ آهن. جي ٻئي مطلب منهنجا پورا ڪندين ته هميشه صلح سان رهنداسون.

(۱) پنهن جي ڌيءَ جي مون سان شادي ڪر

(۲) جيڪو مال منهنجي پيءُ جو تو کنيون آهي سو موٽي واپس ڏي. ۽ بادشاهي به موٽي ڏي

اشڪبوس :- اي فتاح ڪو به ماڻهو ڏيج بخشاٽيءَ کان سواءِ ڌيءَ ڪنهن کي ڪونه ڏيندو آهي.

فتاح :- منهنجي پيءُ جو سمورو مال ۽ ملڪيت تنهنجي قبضي ۾ آهي ۽ حڪومت جو مالڪ به تون ئي ٿي وينو آهين، مونوٽ ڇڏيو ڇا اٿئي جو ڏيج بخشاٽيءَ ۾ ڏيان.

اشڪبوس :- آءٌ توکان مال ڪونه ٿو گهران. منهن جو هڪ وڏو دشمن آهي جنهن جو نالو علي آهي،

ان جو سر وڍي مونکي آڻي ڏي ته ڏيءَ جو
سگ توکي ڏيندس.

فتاح:- اهو شرط مونکي قبول آهي. ليڪن تون پنهن
جي پٽ فضل کي سٺن هزارن سپاهين سان مون
سان همراه ڪر ته مديني تي چڙهائي ڪريون.

اشڪبوس اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ لشڪر سان فتاح
روانو ٿي ويو ۽ منزلون ڪائي مديني کان هڪ فرسخ
جي مفاصله تي منزل انداز ٿيو.

فتاح خيال ڪيو ته شهر ۾ وڃي ڏسان ته علي ڪهڙي
شان وارو جوان آهي فتاح فضل ۽ ٻارهن پهلوان جوانن
کي ساڻ ڪري شهر ۾ پهتو. اتفاق سان حضرت علي
عليه السلام ڪوڏر کڻيون باغ ڏي ويا ٿي.

فتاح:- فضل هن جوان کي سڏ ڪري ٻهار ته عليءَ جو
حال پڇونس.

فضل:- اي جوان ترس جو اسانکي توکان ڪجهه پڇڻو آهي
حضرت علي انهن ڏي وڌي آيو اجان سندن نظر
فيض اثر فتاح تي پئي تـه دانهن ڪري چيائين
"صدق رسول الله.

فتاح:- اي بنده خدا علي ابن ابيطالب کي سڃاڻين؟

حضرت علي:- سواءِ رسول خدا جي مون جهڙو ٻيو
ڪو به عليءَ کي ڪو نه سڃاڻي. ٻڌاءِ علي ۾
ڪهڙو ڪم اٿئي.

فتاح :- اي جوان آئون پري کان آيو آهيان خاص
هنلاءِ تہ عليءَ جو سر ڪپي حبشہ جي بادشاہ
وٽ کڻي وڃان -

حضرت علي :- اي شخص عليءَ تنهنجو ڪهڙو گناہ
ڪيو آهي ؟

فتاح سارو قصو بيان ڪري ٻڌايو.

حضرت علي :- يار جي تون بت پرستي ڇڏي خدا
پرستي اختيار ڪرين تہ علي اهڙو سخي آهي
جو خدا جي راہ ۾ سر توکي ڏئي ڇڏيندو.

فتاح :- اي جوان تون مونکي عليءَ جي حليہ ۽ طاقت
۽ قد و قامت کان واقف ڪر پوءِ ڏٺو ويندو.

حضرت علي :- اي شخص علي سراپا مون جهڙو آهي
مون ۾ ۽ عليءَ ۾ رتيءَ جيترو بہ فرق نہ
آهي- جي مونتي غالب ٿئين تہ عليءَ تي بہ
غالب ٿي ويندين.

فتاح :- تڏهن اچ تہ پاڻ ٻئي جنگ آزمائي ڪريون تہ
مونکي خبر پوي تہ عليءَ تي غالب پوندس يا نہ.

فتاح اٿي چٽي تلوار جي وار ڪئي- حضرت علي
ڪوڏر جو ڏڪ هڻي هنجي تلوار ٻہ اڌ ڪري ڇڏي
فتاح تلوار ڦٽي ڪري گرز جي وار ڪئي- حضرت علي
عليہ السلام هنجو هٿ جهلي گرز کسي ورتو.

حضرت علي :- اي جوان تون ته ڪيترائي وار ڪري
چڪو آهين هاڻي منهن جو وارو آهي ، هوشيار ٿي
فتاح پڌرو شرط سپر کي مٿي تي رکيو حضرت علي
عليہ السلام ڪوڏر هڻ جي چيلهه تي هڻين ۽ هن وار رد
ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته پاڻ هنکي چيلهه ۾ هٿ
وجهي مٿي کنيو ۽ فرمايو اي فتاح مون کي توتي
رحم ٿو اچي تنهن ڪري توکي پرن ۾ زمين تي
ٿو بهاريان ،
حضرت علي :- اي فتاح تون ڪڏهن به عليءَ تي فتح
حاصل ڪري نه سگهندين ، اسلام قبول ڪر ته
مطلب حاصل ٿيئي .
فتاح سمجهي ويو ته اهوئي علي آهي .
فتاح :- هي منهن جا ٽي شرط قبول ڪريو ته اسلام
قبول ڪندس .
حضرت علي :- اهي شرط ڪهڙا آهن .
فتاح :- پهريون شرط هي آهي ته پنهنجي غلاميءَ ۾
مونکي قبول ڪريو - ٻيو شرط آهي ته اسلام جي
حقيقي تلقين ڪريو - ٽيون شرط ته مونکي ڪڏهن
به پاڻ کان ڌار نه ڪريو .
حضرت علي عليہ السلام اهي شرط قبول ڪيا ۽ فتاح
ڪلمه پڙهي مسلمان ٿيو .
فضل فتاح جو اهو حال ڏسي سٺن هزارن جوانن
سميت مسلمان ٿيو .

ان وقت حضرت علي عليہ السلام فتاح جو نالو قنبر رکيو ۽ انکي فضل ۽ لشکر سميت جناب رسول خدا صلعم جي خدمت سراپا برکت ۾ موکليو. فضل پيغمبر صلعم کان واپس وطن جي رخصت گهري. پيغمبر صلعم هنکي قيمتي خلعت پهرائي رخصت ڪيو. هو حضرت علي عليہ السلام کان موکلائي واپس روانو ٿيو.

حضرت علي:- فضل کوبہ مشکل پوئي تہ مونکي ياد

ڪجائين انشاالله تعاليٰ آئون تو وٽ پهچندس.

ٽــــي شخص هر هڪ فقر. قنبر ۽ بصير مدينہ ۾ رهي پيا.

فضل ملڪ جي ويجهو پهتو تہ اشڪبوس بادشاه جي وزير هن جو استقبال ڪيو ۽ خلعت ۽ گهوڙو جو بادشاه موڪليو هو سو پيش ڪيو. فضل قبول نــہ ڪيو ۽ چيو تہ بت پرست جي خلعت نجس آهي. اها خبر اشڪبوس بادشاه کي پهچائي وئي.

بادشاه پڌي ڪاوڙيو، ايتري ۾ فضل بہ دربار ۾ اچي ويو ۽ چيو "هن مجلس ۾ منهن جو سلام ان تي آهي جو ارڙنهن هزار مخلوقات مان چاڻي تہ خدا وحده لا شريڪ آهي ۽ محمد ڪريم صلعم ان جو رسول آهي ۽ علي رسول ڪريم جو وصي آهي.

اشڪبوس:- بت ڪهڙي خدا کي يـــاد ڪري رهيو آهين.

فضل :- ان خدا کي جنهن توکي ، مولکي ، آسمان ، زمين ۽ جڳ ، کي پيدا ڪيو آهي.

اشڪبوس :- فتاح ڪٿي آهي؟

فضل :- فتاح اسلام قبول ڪيو ۽ حضرت علي ابن ابيطالب عليه السلام جي غلامي قبول ڪري سندن خدمت ۾ رهيو. اوهين به اسلام قبول ڪريو نه ته تلوار سان جنگ ، ڪندس .

اشڪبوس :- ڪفار ڏي منهن ڪري چيو فضل کي گرفتار ڪريو.

فضل آسمان ڏي منهه ڪري حضرت علي عليه السلام کي ياد ڪيو ۽ تلوار ميان مان ڪڍي حمله ڪيو. پوءِ ئي حمله ۾ ويهه ڪافر في النار ڪيائين ايتري ۾ فضل کي گرفتار ڪري وڌائون ۽ جلاد کي چيائون ته هنکي وڃي قتل ڪر. اهو حڪم ٻڌي ست هزار سپاهي جيڪي فضل سان گڏ مسلمان ٿي چڪا هوا تن سڀني يڪزبان پڪاري چيو ته پهرين اسان کي قتل ڪريو پوءِ فضل کي.

اشڪبوس :- جي چاهيو ٿا ته فضل قتل نه ٿئي ته توهين سڀئي هڪ ٻئي جي منهن تي هٿ رکو. سيني حڪم جي تعميل ڪئي .

اشڪبوس :- هنن سڀني جون پاٿون ٻڌو. حڪم ٻڌڻ شرط سڀني جون پاٿون ٻڌيون ويون .

اشڪبوس :- ڀهر بن فضل کي قتل ڪري پوءِ هنن سپاهين کي.

هڪ ڪافر فضل جي قتل جو ارادو ڪيو ته فضل منهن مديني جي طرف ڪري پڪاريو "يا علي ادرڪني" يڪدم سڀني الله اڪبر جو نعرو ٻڌو ۽ سڀ ڪافر بيهوش ٿي ڪري پيا. جڏهن هوش ۾ آيا ته ڏٺائون ته هڪ جوان اندر اچي رهيو آهي. سڏو فضل وٽ پهچي فرمايو "دلگير ڇو ٿيو آهين".

فضل جي نگاهه جان حضرت علي عليه السلام تي پئي ته هوشيءَ وڃان اٿڻ جي ڪوشش ڪيائين حضرت علي عليه السلام نگاهه ڪئي ته فضل جا زنجير ڪري پيا ۽ هو قدمبوسي ڪرڻ لڳو.

اشڪبوس :- اي فضل هي ڪير شخص آهي؟

فضل :- منهنجو مولا علي عليه السلام اهوئي آهي جو اڪ چنب ۾ مدينه منوره کان هتي پهتو آهي.

اشڪبوس :- اي جوان ڪهڙي وقت مدينه کان روانا ٿيا آهيو؟

علي عليه السلام :- جنهن وقت فضل مونکي سڏ ڪري پڪاريو. اي اشڪبوس اسلام قبول ڪر نه ته قتل ڪيو وينديون.

اشڪبوس :- يا علي هڪ معجزه طلب ڪريان ٿو. جي ڏيکاريوَ ته اسلام قبول ڪندس.

علي عليہ السلام :- ڪھڙو معجزو ڏسڻ چاھيو ٿا؟

اشڪبوس :- ھڪ عقيق جو سنگ، جو منھنجي اڳيان رکيو آھي تنھن ۾ ٻہ پاڻيءَ جا چشما جاري ڪري ڏيکاريو.

علي عليہ السلام :- ذوالفقار ان پٿر تي ھڻين تہ ٻہ چشما منجھ پاڻيءَ جا اتان وھڻ لڳا.

ھڪ ڪافر ان چشمہ مان پاڻي پيتو تہ ان جو ذائقو تلخ ۽ ڪڙو محسوس ٿيس ۽ ست سؤ مسلمان سپاھين پيتو تہ ماکيءَ کان مٺو ۽ ٿڌو آين.

اشڪبوس :- اوھان جھڙو جادوگر مون ڪڏھن ڪونہ ڏٺو.

فضل :- يا مولا ھي گمراھ آھي ھڪ دفعو وري بہ اسلام جي دعوت ڏيون.

حضرت علي عليہ السلام ھن کي اسلام جي دعوت ڏني پر ھن ڪفر نہ ڇڏيو تڏھن ھنجو سر قلم ڪيو ويو. ان کان پوءِ ان ملڪ جا ماڻھو مسلمان ٿيا ۽ پاڻ فضل کي تخت تي ويھاريو ۽ روانا ٿي ويا.

ڌيان طلب نوٽ :- اڄ ڪلھ ريڊيو کي ڏسي ماڻھو تعجب ۾ پون ٿا پر تيرنھن سؤ ورھ اڳي حضرت علي عليہ السلام ثابت ڪري ڏيکاريو تہ آواز تہ ريڊيہ جو ٻڌجي سگھي ٿو پر آواز سان گڏ ساڳئي وقت وڏي مفاصلہ تي ٻھوڙ جو فن اڃا تائين ڪونہ ظاھر

ٿيو آهي- ٿيلي وڃن جو ڦن ۾ ڳالهائيندڙ جو ڦونو توري پند تان ڏيکاري سگهيو، پر ڳالهائيندڙ جو هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچڻ جو هنر اڃان عمل ۾ ڪونه آيو آهي- حضرت علي عليہ السلام جو ڪمال آهي جو آواز ۾ پڌائون ۽ پهچي ۾ ويا- خداداد علم جا ماهر اهڙائي ٿيندا آهن.

حضرت علي عليہ السلام جي شهادت کان بعد قنبر دنيا کي ترڪ ڪري دلدل جي خدمت ۾ چراگاهه ۽ جهنگلن ۾ نالان ۽ گريان قرندو وتيو.

دلدل کي جهنگ ۾ چڏي پاڻ عبادت خدا ۾ مصروف رهندو هو ۽ جي دلدل پري لڪري ويندي هئي تہ نماز کان فارغ ٿي ان جي پويان ويندو هو. هڪڙي ڏينهن دلدل کي چراگاهہ ۾ ڇڏي پاڻ عبادت خدا ۾ مشغول هو تہ پري کان دلدل کي ايندو ڏٺائين. نماز پڙهي بس ڪيائين تہ دلدل ۾ اچي پهتي جان نگاهہ ڪيائين تہ دلدل کي تير لڳل هوا ۽ رت ۾ سرخ هئي دلدل قنبر جي ڪلهي تي سر رکي بيهي رهي. قنبر ڏٺو تہ دلدل جي زخمن مان رت وهي رهيو آهي تڏهن آهستي آهستي دلدل کي توري بغداد جي هڪ اڻ وسيل جاءِ ۾ اچي پهتو. دلدل اتي پهچڻ شرط دم ڏنو. قنبر کي دلدل جي مري وڃڻ جو سخت صدمو رسيو ۽ اکين مان ڳوڙها وهائي چوڻ لڳو.

قنبر :- اي منهنجي آقا جي دلدل توکي ڏسندو هوس
تہ مولا علي عليہ السلام ياد پوندو هو هينئر
منهنجي ولدر بہ وئي، هاڻي ڳوڙهن ڀريئن
اکين سان توکي هٿن دفن ڪري باقي وقت
اتيئي ڪاٽيندس.

دلدل کي دفن ڪري اتيئي ويهي رهيو.
قنبر جي عمر ايتري وڏي ٿي وئي هئي جو پرون
بہ اکين تي اچي ويا هوس.

هڪڙي ڀيري عيد الضحيٰ جي ڏينهن حجاج بن
يوسف مفتيءَ کان پڇو،

حجاج :- مفتي خبر ڏي ڪهڙي قرباني ڪجي جو خدا
جي دربار ۾ مقبول ٿوي؟

مفتي ٻگهي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيرائي مُرڪ
سان چيو.

مفتي :- بادشاهہ سلامت جي عليءَ جو محب يا ڪو
سيد هٿ اچي وڃي ؛ ان کي قربان ڪجي تہ
اهڙي ٻي قرباني ٿي نہ ٿي سگهي.

حجاج :- درباري مصاحبو سڀني کي اوهان کي عليءَ
جو مڃيندڙ؟

دربارين جو خيال محبان عليءَ جي تلاش ۾ پرواز
ڪرڻ لڳو. اوچتو هڪ درباري پڪاري چيو.

درباري :- ها ها مون ڳوليو آهي.

حجاج:- جلدي ٻڌاء ڪنهن تي نگاه پئي اٿئي؟

درباري:- قنبر غلام حيدر. بغداد جي فلاڻي محله ۾ رهندو آهي. ان جهڙو عليءَ جو محب ٻيو ڪير هوندو.

حجاج:- آفرين- واه جي چونڊ ڪئي اٿئي- سپاهي جلدي وڃو ۽ قنبر کي پڪڙي حاضر ڪريو.

سپاهي حڪم ٻڌي ويا ۽ قنبر کي ڳولي هٿ ڪري يون وڃي دربار ۾ وٺي آيا.

حجاج:- اي قنبر تون عليءَ جو ٻندو آهين؟

قنبر:- آءٌ خدا جو ٻندو آهيان- حضرت علي عليه السلام منهنجو آقا هو.

حجاج:- تون عليءَ جي ملت کي ڇڏي ڏي.

قنبر. منهنجي مولا علي عليه السلام جي ملت کان ٻي ملت ۽ دين ٻڌاء ته ڏسان ته ڪهڙو آهي تنهن کان پوءِ جواب ڏيندس.

حجاج:- آءٌ توکي قتل ڪرائيندس.

قنبر:- اي ظالم علي عليه السلام جا غلام ڪڏهن قتل کان ڊڄا آهن- اي ظالم پڻ منهنجي مولا مونکي خواب ۾ ٻڌايو آهي ته اي قنبر تو گهڻيون تڪليفون ڏنيون آهن هاڻي جلدي مون سان اچي ملندين. انجو تعبير آهي ته تون مون کي قتل ڪندين ۽ منهنجو قتل منهنجي لاء وصل جو سبب بڻبو.

حجاج :- تو کي منهنجو خوف لٿو ٿئي ؟

قنبر :- تون آهين ڪير جو توکان ڊڄان. ڊڄڻ گهرجي مالڪ حقيقيءَ کان، نه تو جهڙي ظالم کان.

حجاج :- ٻڌاءِ ڪهڙيءَ طرح توکي قتل ڪريان ؟

قنبر کلي :- آءٌ اهو اختيار تـوکي ڏيان ٿـو. جهڙيءَ ريت تون مونکي قتل ڪندين اهڙيءَ طــرح قيامت ۾ آءٌ توکي قتل ڪندس.

حجاج :- سو وري ڪيئن ؟

قنبر :- اهو هيئن ته قيامت ۾ ظالم ۽ مظلوم جو فيصلو ٿيندو. جن بيگناه مظلومن کي تو قتل ڪيو آهي اوهي ساڳي طرح توکي قتل ڪندا. تو ۾ ايمان هجي ته قيامت کي مڃين ؟

حجاج :- مونکي ايمان ڪونهي ؟

قنبر :- ايمان هجي ها ته ناحق خون ڇو ڪرين ها ؟

حجاج :- چپ ره.

قنبر :- خدا تعاليٰ عزوجل زبان ڳالهائڻ لاءِ ڏني آهي- تون آهين ڪير جو زبان بند ڪرائي سگهين ! قتل ڪرڻ جي طاقت تو ۾ آهي، پر چپ ڪرائڻ جي طاقت تو ۾ نه آهي.

حجاج :- اي جلاد جلدي قنبر کي دسي پڪڙ وال‌ڳي هنڪي کهه.

قنبر :- ڪيئين ٻڪر منهنجي مولا سان عداوت تون رکي
مردار ٿي ويا، آءٌ ته شهيد ٿيندس .
جلاد :- اي ٻوڙها بيوقوف، جيڪي امر ٿوي سو
ڪٽي قبول ڪر ته تو ٻنهنجي جان وڃائين .
قنبر تڙي ڏئي جلاد کي چيو
قنبر :- بيوقوف تون مون کي موت کان ٿو ڊيڄارين -
عليءَ جو غلام ڪڏهن موت کان نه ٿو ڊڄندو - اهو
موت منهن جي لاءِ حيات ابدي آهي - جلدي
خنجر ڦيراءِ ته ٻنهنجي مولا سان وڃي ملان .
جلاد اتي جو اتي قنبر کي شهيد ڪيو .
حجاج :- مفتي اها قرباني خدا وٽ قبول ٿيندي يا نه؟
مفتي :- بادشاه سلامت هر عليءَ جي محب جي قرباني
قبوليت جي نشاني آهي - هيءَ ته عليءَ جي
خاص غلام جي قرباني آهي .
حجاج :- مفتي ٻڌاءِ ڪهڙو انعام ڏيان ء .
مفتي :- گهٽ ۾ گهٽ ايترو ته ڏيو جيترو ابن
کي عهد ڏنو هو .
حجاج :- ابن سعد امام سان جنگ ڪئي ۽ تو عل[ي]
غلام کي قتل ڪرائڻ جي فتوي ڏني -
انعام ضرور ڏيو پر ايترو نه .
حجاج :- هنکي هڪ هزار دينار ڏيو .

مفتي دينارن جي ڪوڙي وٺي گهر ڏي طرف روانو ٿيو. عيد الضحيٰ ۾ حلال جانورن جي قرباني جو حڪم آهي ۽ اهو به زمانو هو جو حضرت علي عليه السلام جي محبن جون قربانيون ڪرڻ ثواب ٿي سمجهو ويو.

ڪچهه بات هئي ڪه هستي مفتي نهين هماري
برسون رها هي دشمن دور زمان همارا.

بغداد ۾ دلدل جي قبر تهه خاني ۾ آهي ۽ قنبر جي مزار الهيءَ جاءِ ۾ آهي. اسان زيارت ڪري آيا آهيون زائرين ڪرام به زيارت ڪندا هوندي

ذوالجناح و دلدل و ميمون عقاب و مرتجز
نام ان گهوڙون کي بعد ان فنا چلتي رهي

خادم الملت

محمد هاشم عرف ميوه خان